مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
30 آڪٽوبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 18 جمادي الاول 1448ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

خُدائي احڪامَ بدلائڻ جو وبال (سيپارو: 1، سورهءِ بقرة: 58)

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... 100 ماڻهن جو قاتل (واقعو)
- ... لعنت وسڻ جو هڪ سبب
- ... گهر ۾ باهه پڙڪي پئي (واقعو)
- ...جيئن پڙهايو آهي، تيئن ئي پڙهو....!!

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)



FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786



GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: قسط: 2، صفحو: 8، حديثِ پاڪ نمبر: 8 آهي:

اِذَا اَرَادَ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّسْاَلَ، فَلْيَبْدَاْ بِالْمِدْحَةِ وَالثَّنَاءِ عَلَى اللّٰهِ بِمَا هُوَ اَهْلُهٗ، ثُمَّ لِيُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، ثُمَّ لِيَسْاَلْ بَعْدُ فَاِنَّهٗ اَجْدَرُ اَنْ يَّنْجَحَ

ترجمو: جڏهن توهان مان ڪو ماڻهو دعا گهرڻ جو ارادو ڪري تہ ڪيس گهرجي تہ الله پاڪ جي شان جي لائق ان جي ساراهہ ڪري، پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلي، پوءِ ان کان بعد دعا گهري، جو تہ اهو دعا جي قبوليت جي وڌيڪ لائق آهي.[1]

دعائیں ہوتی ہیں مقبول اس وسیلے سے | خدا کی خاص عنایت درودِ پاک سے ہے
ازل کے دن سے مرے مصطفٰے کے چرچے ہیں | تمام دہر پہ رحمت درودِ پاک سے ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو):

وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۸﴾

---

[1]...معجم كبير، عبدالله بن مسعود الهذلي، جلد:4، صفحہ:497، حديث:8692۔

فَبَدَّلَ الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَیْرَ الَّذِیْ قِیْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا یَفْسُقُوْنَ ﴿۵۹﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 58، 59)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن اسان انهن کي چيو ته هن شهر ۾ داخل ٿي وجو پوءِ ان ۾ جتي چاهيو بنا روڪ ٽوڪ کائو ۽ دروازي مان سجدو ڪندي داخل ٿجو ۽ چوندا رهجو، اسان جا گناهه معاف ٿين، اسان توهان جون خطائون بخشي ڇڏينداسين ۽ عنقريب اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اڃان وڌيڪ عطا ڪنداسين پوءِ انهن ظالمن جيڪو انهن کي چيو ويو هو ان کي هڪ بي ڳالهه سان بدلائي ڇڏيو پوءِ اسان آسمان مان انهن ظالمن تي عذاب نازل ڪيو ڇو ته اهي نافرماني ڪندا هئا.

آيتن جي مختصر وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل جُرم ڪيو، الله پاڪ ۽ ان جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نافرماني ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ انهن کي تِيه نالي ميدان ۾ قيد ڪيو ويو. اهي ماڻهو 40 سالن تائين اتي قيد رهيا، چوڌاري ديوارون نه هيون، ڪوبه ڪوٽ ڏنل نه هو، بس اها الله پاڪ جي قدرت هئي جو اهي ماڻهو ڪيتري به ڪوشش ڪندا ها، هن ميدان مان نڪري نه سگهندا هئا. آخرڪار انهن جو اهو قيد پورو ٿيو ۽ الله پاڪ انهن کي بيتُ المقدس وڃڻ جو حڪم ڏنو. ارشاد ٿئي ٿو:

وَاِذْ قُلْنَا (سيپارو: 1، البقرة: 58)	ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن اسان انهن کي چيو

چا چيو؟

اُدْخُلُوا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ (سيپارو: 1، البقرة: 58)	ترجمو ڪنزُ العرفان: ته هن شهر ۾ داخل ٿي وڃو

يعني اهو هڪ ڳوٺ هو، جتي انهن کي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو. ڪهڙو ڳوٺ هو؟ اڪثر علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن ڳوٺ مان مراد بيتُ المقدس آهي.[1] هن ڳوٺ ۾ وڃي ڪري چا ڪرڻو آهي؟ فرمايو:

فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا (سيپارو: 1، البقرة: 58)	ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ان ۾ جتي چاهيو بنا روڪ ٽوڪ کائو

يعني هن ڳوٺ ۾ ۞ ميوا آهن ۞ رهڻ سهڻ جو سامان آهي، هي سڀ توهان جو آهي، خوب اطمينان سان حلال شيون کائو! پيئو...!! سڪون سان رهو.

وڌيڪ الله پاڪ هن ڳوٺ ۾ وڃڻ جا ۽ آداب ۽ انهن کي ٻڌايا، ارشاد ٿيو:

وَادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا (سيپارو: 1، البقرة: 58)	ترجموڪنزُ العرفان: ۽ دروازي مان سجدو ڪندي داخل ٿجو.

هي پهريون ادب آهي، مطلب اهو آهي ته جڏهن توهان بيتُ المقدس ۾ داخل ٿيڻ لڳو، ڳوٺ جو جيڪو دروازو آهي، ان دروازي مان جُهڪي ادب سان گذرجو. يا اهو مطلب آهي ته اتي پهچي الله پاڪ جي حضور سجدو

[1]...تفسير طبرى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:58، جلد:1، صفحه:339، رقم:1001۔

ڪجو.[1]

وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ (سيپارو: 1، البقرة: 58)	ترجموڪنزُ العرفان: ۽ چوندا رهجو، اسان جا گناهہ معاف ٿين.

يعني هي چوندي گذرجو: اي الله پاڪ اسان جا گناهہ معاف فرمائي ڇڏ. ان سان ڇا ٿيندو؟ فرمايو:

نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۸﴾ (سيپارو: 1، البقرة: 58)	ترجموڪنزُ العرفان: اسان توهان جون خطائون بخشي ڇڏينداسين ۽ عنقريب اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي اڃان وڌيڪ عطا ڪنداسين.

هاڻي اهو انهن مٿان وڏو احسان هو، 40 سالن جي قيد کان آزادي ملي، ڳوٺ ۾ وڃڻ نصيب ٿيو، گناهن جي معافي جو سامان ٿيو ۽ وڌيڪ هي تہ اهو ڳوٺ جتي اڳ قومِ عمالقہ آباد هئي، بنا جنگ جي، بغير محنت جي، اهو پورو ڳوٺ فتح ٿي ويو، بني اسرائيل جي حوالي ڪيو ويو، اتان جا ڦل فروٽ وغيره انهن لاءِ حلال ڪيا ويا. انهن سيني لاءِ ڪرڻو ڇا هو؟ صرف ٻہ ڪم (1): ڳوٺ جي دروازي تي پهچي سجدو ڪرڻو آهي. (2): اهو چوڻو آهي: حِطَّةٌ، حِطَّةٌ يا الله اسان جا گناهہ بخش، هي ٻئي نيڪ ڪم آهن، عبادت آهن، بخشش جو ذريعو آهن، تمام ڏکيا ڪم ٻہ نہ هئا، آسان هئا پر افسوس! بني اسرائيل اهي 2 ڪم ٻہ نہ ڪيا، الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

[1]...تفسير بغوى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:58، جلد:1، صفحہ:53 خلاصةً۔

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ (سيپارو: 1، البقرة:59)	ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ انهن ظالمن جيڪو انهن کي چيو ويو هو ان کي هڪ بي ڳالهه سان بدلائي ڇڏيو.

انهن کي حڪم ته ٿيو هو: ۞ سجدو ڪري ڳوٺ ۾ داخل ٿيٽو آهي، مٿو جهڪائڻ بدران سُرين ڀر گهلجندا بستيءَ اندر داخل ٿيا ۞ ٻئي نمبر تي چوٽو هو: حِطَّةٌ اي الله! گناهه بخشي ڇڏ انهن چا چيو: حَبَّةٌ فِيْ شَعْرَةٍ، حَبَّةٌ فِيْ شَعْرَةٍ يعني وار ۾ داڻو، وار ۾ داڻو. [1]

مطلب ته: جيڪو حڪم انهن کي ڏنو ويو هو، انهن اهو بدلائي ڇڏيو. پوءِ ان جي انهن کي سزا ملي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۵۹﴾ (سيپارو: 1، البقرة:59)	ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ اسان آسمان مان انهن ظالمن تي عذاب نازل ڪيو ڇو ته اهي نافرماني ڪندا هئا.

روايتن ۾ آهي: ان وقت بني اسرائيل تي طاعون جو عذاب آيو، اوچتو انهن ۾ طاعون جي وبا پکڙجي وئي ۽ ڪجهه ئي دير ۾ 70 هزار اسرائيلي موت جو شڪار ٿي ويا. [2]

طاعون عذاب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تاريخ جو سڀ کان پهريون طاعون هو، جيڪو بني اسرائيل جي نافرماني جي سبب بطور عذاب انهن تي نازل ٿيو. حديثِ

---

[1]... بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، صفحہ:872، حدیث:3403۔

[2]...تفسیر بغوی، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، زیرِ آیت:59، جلد:1، صفحہ:54۔

پاڪ ۾ آهي: بيشڪ هي طاعون هڪ عذاب آهي جنهن کي توهان کان پهرين ماڻهن تي مسلط ڪيو ويو هو.[1] مسلمانن جي پياري ماءُ، حضرت عائشه صديقه طيبه طاهره رضی اللہ عنہا کان روايت آهي، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: طاعون هڪ عذاب آهي، الله پاڪ جنهن تي چاهيندو آهي هي عذاب موڪلينڈو آهي. وڌيڪ فرمايائون: الله پاڪ اهلِ ايمان لاءِ ان کي رحمت بڻايو آهي، ڪوبه مؤمن اهڙو ناهي جيڪو طاعون ۾ قاسي پوي، پوءِ پنهنجي شهر ۾ ئي صبر سان رهي ۽ اهو سمجهي ته الله پاڪ جيڪو لکيو آهي، ان کان سواءِ کا تڪليف مون کي نٿي پهچي سگهي، اهڙي مؤمن ٻانهي کي شهيد جي برابر ثواب ملندو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي به ڪهڙي نه ڪرم نوازي آهي! طاعون اسان کان اڳين قومن لاءِ عذاب هو، پر رحمتِ دو جهان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي هن امت لاءِ ان کي رحمت بڻايو ويو آهي. يعني الله نه ڪري جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي طاعون جي بيماري ٿي پوي، پوءِ اهو ان تي صبر ڪري ۽ ان ئي حالت ۾ وفات ڪري وڃي، ته هو شهيد جي برابر ثواب حاصل ڪري ونندو.

يہ لادوا ہے مرض ہمارا، طبيب کيوں کر کريں گے چارہ
علاج ميرا کريں گے آقا، طبيبِ دل ہيں، حکيم بھی ہيں
ميں اُن کا بندہ، وہ ميرے مولیٰ، وہ ميرے مالک، ميں ان کا بَرْدَہ(غلام)
خدا کے فضل و کرم سے آقا، حَفِيْظ بھی ہيں، کريم بھی ہيں[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...مسلم، كتاب السلام، باب الطاعون والطيرة والكهانة و نحوها، صفحه:873، حديث:2218 ملتقطًا۔

[2]...بخاری، كتاب الطب، باب اجر الصابر فی الطاعون، صفحه:1450، حديث:5734۔

[3]...قبالۂ بخشش، صفحه:209-210 ملتقطًا۔

بابرڪت جڳهن جوادب ڪيو!

پيارا اسلامي پائرو! هن جاءِ تي هڪ سوال آهي: توبہ ڪٽي بہ ڪئي وڃي، اللہ پاڪ بڌندو، ڇاڻيندو، ڏسندو آهي. توبہ قبول بہ فرمائيندو آهي. پوءِ بني اسرائيل کي بيتُ المقدس ۾ موڪلي ڪري، دروازي ۾ داخل ٿيندي وقت گناهن جي معافي گهرڻ ۽ شهر ۾ ادب سان جهڪي داخل ٿيڻ جو حڪم ڇو ڏنو ويو؟ ان جو جواب اسان کي بيءَ آيت مان معلوم ٿئي ٿو، اللہ پاڪ جو ارشاد آهي:

اَلْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ (سيپارو: 15، الاسراء: 1)	ترجمو ڪنزُ العرفان: جنهن جي چوڌاري اسان برڪتون رکيون آهن.

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: مسجدِ اقصيٰ جي چوڌاري (يعني بيتُ المقدس واري ڳوٺ) جي برڪت اها آهي تہ هتي اللہ پاڪ جي نبين ۽ ولين جون مزارون آهن، جن تي ڏينهن رات، صبح ۽ شام رحمتون وسنديون رهن ٿيون.[1]

بني اسرائيل ڇو تہ گنهگار هئا، اهي خود رحمت جي لائق نہ هئا، تنهنڪري حڪم ڏنو ويو تہ بيتُ المقدس وڃو! اتي ائين ئي ڏينهن رات رحمت وسي رهي آهي، ان رحمت جا چنبا توهان تي بہ پوندا تہ توهان جي توبہ قبول ڪئي ويندي.

سُبْحٰنَ اللہ! معلوم ٿيو تہ اللہ جي نيڪ بانهن جي مزارن وٽ، سندن برڪت سان توبہ جلد قبول ٿيندي آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ مزاراتِ انبياء، مزاراتِ صحابہ ۽ مزاراتِ اولياء تي حاضري ڏيندا ڪريون، اسان تہ گنهگار آهيون، گناهن ۾ ٻڏل آهيون پر اللہ پاڪ جي نيڪ بانهن جون مزارون تمام

[1]...تفسيرِ قرطبی، پاره:15، سورۂ اسراء، زيرِ آيت:1، جلد:5، جز:10، صفحہ:133۔

پاڪ جايون آهن، اتي هر وقت رحمتن جي برسات آهي، اسان اتي پهچنداسين، وسندڙ رحمت ۾ غوطو هڻنداسين، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻيڙو پار ٿي ويندو.

100 ماڻهن جوقاتِل

تمام مشهور واقعو آهي ۽ واقعو به اهو جيڪو بخاري شريف ۾ آهي، منهنجي آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي واقعو پنهنجي صحابه کي ٻڌايو. واقعو ڇا آهي؟ پياري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اڳين امتن مان هڪ شخص هو، ان 99 قتل ڪري ڇڏيا هئا، هاڻي ان کي شرمندگي ٿي، پنهنجن گناهن تي نادم ٿيو، جيئن ته هڪ مذهبي لباس واري شخص وٽ ويو، چيائين: مون 99 قتل ڪيا آهن، ڇا منهنجي توبه قبول ٿي سگهي ٿي؟

هي صاحب شايد گهٽو پڙهيل لکيل نه هو، انهن انڪار ڪري ڇڏيو ته توهان جي توبه ته قبول نٿي ٿي سگهي. هاڻي ان ڇا ڪيو جو ان مسئلو ٻڌائيندڙ کي به قتل ڪري ڇڏيو. هاڻي 100 پورا ٿي ويا. وري شرمندگي ٿي. هاڻي هڪ عالم صاحب وٽ پهتو، پڇيائين: مون 100 قتل ڪيا آهن، ڇا منهنجي توبه قبول ٿي سگهي ٿي؟ عالم صاحب فرمايو: ها! توهان جي توبه قبول ٿي سگهي ٿي. ائين ڪريو! فلاڻي ڳوٺ ۾ هليا وجو! اتي الله پاڪ جا ڪجهه ٻانها آهن، عبادت ۾ مصروف آهن، توهان به انهن سان گڏ وڃي عبادت ۾ مصروف ٿي وجو!

هو ان ڳوٺ جي طرف روانو ٿيو، اڌا ڪجهه ئي رستو طئي ڪيو هو ته موت اچي ويو. هاڻي عذاب جا فرشتا به اچي ويا، رحمت جا فرشتا به اچي ويا. رحمت جا فرشتا چوڻ لڳا: هي توبه جي ارادي سان هليو هو. عذاب جا فرشتا چوڻ لڳا: ان کا نيڪي اڌا ڪئي نه هئي. ڪوبه فيصلو نه ٿي سگهيو ته الله پاڪ هڪ ٻيو فرشتو موڪليو، ان چيو: ائين ڪريو! زمين کي ماپيو...!! جيڪڏهن هن جي گهر جي طرف فاصلو گهٽ ٿيو ته عذاب جا فرشتا ان کي

ساڻ ڪٽي ويندا، جيڪڏهن نيڪ ماڻهن جي ڳوٺ طرف فاصلو گهٽ ٿيو ته رحمت جا فرشتا ڪٽي ويندا.

الله پاڪ جو شان ڏسو! رب رحمٰن پنهنجي نيڪ بانهن جا شان واضح فرمائي ٿو. اهو حصو زمين جو جيڪو ان جي گهر طرف هو، الله پاڪ ان کي حڪم ڏنو: تون پڪڙجي وڃ. نيڪ ڳوٺ جي طرف جيڪو حصو هو، ان کي فرمايو: تون سوڙهو ٿي وڃ. جيئن ته فرشتن جڏهن پيمائش ڪئي ته هو نيڪ ماڻهن جي ڳوٺ طرف هڪ گرانٽ وڌيڪ ويجهو هو، بس ان بانهي جي بخشش ٿي وئي ۽ ان جي روح کي رحمت جا فرشتا گڏ ڪٽي ويا.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي الله وارن جو...!! ۞ انهن جي برڪت سان دعائون قبول ٿيندڙيون آهن ۞ انهن جي صدقي سان توبہ جي توفيق ملندي آهي ۞ انهن جي صدقي سان گنهگار بہ رحمت جا حقدار بڻجي ويندا آهن.

الله پاڪ ته سيني جي بڏندو آهي

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو چوندا آهن: الله پاڪ ته سيني جي ئي بڏندو آهي، هر جاءِ تي ئي بڏندو آهي، پوءِ توهان دربارن تي وڃي ڪري ڇو گهرندا آهيو...؟ اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي ته الله پاڪ ته هر جاءِ تي ئي بڏندو آهي توبہ قبول جڏهن ان کي ڪرڻي آهي ته ڪنهن بہ جاءِ تي توبہ ڪئي وڃي، هو قبول ڪري سگهي ٿو، پوءِ ان بني اسرائيل کي بيتُ المقدس وڃڻ، ان جو ادب ڪرڻ، اتي دروازي مان گذرندي گناهن جي معافي گهرڻ جو حڪم ڇو ڏنو؟

ڳالهہ دراصل اها آهي ته الله پاڪ بڏندو ته سيني جي آهي پر مڃيندو سيني جي ناهي. بخاري شريف ۾ حديثِ قدسي آهي، الله پاڪ پنهنجي ولين جو شان بڏائيندي فرمائي ٿو: وَ اِنْ سَاَلَنِیْ لَاُعْطِیَنَّهٗ جيڪڏهن منهنجو ولي مون کان ڪجهہ گهري ته مان ضرور بالضرور ڪيس عطا ڪري ڇڏيندو آهيان

---

[1]...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، صفحہ:891، حدیث:3470 مفصلًا۔

وَلَئِنِ اسْتَعَاذَنِي لَأُعِيذَنَّهُ جيڪڏهن هو مون کان پناهه گهري تہ مان ضرور کيس پناهه عطا فرمائي ڇڏيندو آهيان.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو: اللّٰه پاڪ ٻڌندو سيني جي ئي آهي پر ولين سان واعدو آهي تہ جڏهن اهي گهرندا تہ اللّٰه پاڪ انهن کي ضرور عطا فرمائي ڇڏيندو آهي، جڏهن اهي اللّٰه پاڪ کان پناهه گهرندا تہ رب ڪريم انهن کي پناهه عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. ان ڪري اسان نيڪ ٻانهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري گهرندا آهيون، انهن کان دعائون ڪرائيندا آهيون، انهن جو وسيلو پيش ڪندا آهيون، اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ اي اللّٰه پاڪ! مان تہ تنهنجي دربار جي لائق ناهيان، هن نيڪ ٻانهي جي صدقي منهنجو عرض قبول فرماءِ.

برڪت وارو هنداڻو

علامہ ابن جوزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: بغداد ۾ 10 نوجوان هئا، سڀ ئي پاڻ ۾ دوست هئا ۽ سيني جي اکين تي غفلت جو پردو هو، ڏينهن رات بس گناهن ۾ مصروف رهندا هئا، هڪ دفعو انهن هڪ دوست کي بازار ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ موڪليو، ان اچڻ ۾ تمام گهٽي دير ڪري ڇڏي. ڪافي دير کان پوءِ هٿن ۾ هڪ هنداڻو ڪٽي ڪلندو واپس آيو، باقي دوستن کي تمام گهٽو غصو آيو، هڪ تہ آيا دير سان آهيو، پوءِ آندو بہ ڇا آهي...؟ هي هنداڻو...؟

ان نوجوان ٻڌايو: مون تمام عجيب شيءِ آندي آهي، هي جيڪو هنداڻو آهي، ان تي حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هٿ رکيو هو، تنهنڪري مان 20 دينار ۾ خريد ڪري آيو آهيان، هاڻي جيئن ئي دوستن اها ڳالهہ ٻڌي، سيني ادب سان ان هنداڻي کي چمي ڏيڻ شروع ڪئي. اڃا اهي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪري ئي رهيا هئا تہ هڪ نوجوان چيو: اي دوستو...!! توهان سڀ

---

[1]...بخاری، کتاب الرقاق، باب التواضع، صفحہ:1597، حدیث:6502۔

گواهه رهجو مان پنهنجن سيني گناهن کان توبه ڪريان ٿو. اهو ٻڌي باقي دوستن به توبه ڪئي ۽ اهي 10 جا 10 نوجوان عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف ٿي ويا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! اندازو لڳايو! ولين جي هٿ لڳل شين جي اها برڪت آهي، حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن ان هنڌاڻي کي صرف هٿ لاٿو هو، نوجوانن ان جو ادب ڪيو ته توبه جي توفيق ملي وئي ته ﴿۞﴾ جتي اهي ولي ۽، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها پاڻ موجود هجن ﴿۞﴾ جتي انهن جون مزارون هجن، ٻانهو اتي پهچي، انهن جي شهر جي عزت ڪري، انهن سان نسبت رکندڙ شين جي عزت ڪري، ان تي ڪيئن ڪرم نه ٿيندو؟ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت ضرور وسندي ۽ دنيا سان گڏو گڏ آخرت به سنورجي ويندي.

الله پاڪ اسان کي نيڪ ماڻهن، نبين، ولين، صحابه ۽ اهلِ بيتِ پاڪ جو ادب ۽ احترام ڪرڻ، انهن جي تبرڪات مان فيض حاصل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله پاڪ جا احڪامَ بدلڻ جو عذاب

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۵۹﴾ (سيپارو: 1، البقرة: 59)	ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ انهن ظالمن جيڪو انهن کي چيو ويو هو ان کي هڪ ٻي ڳالهه سان بدلائي ڇڏيو پوءِ اسان آسمان مان انهن ظالمن تي عذاب نازل ڪيو ڇو ته اهي نافرماني ڪندا هئا.

هتان کان معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي حڪمن کي جيئن جو تيئن (As it is)

[1]...عيون الحكايات، صفحه:340۔

مڃڻ ضروري آهي، جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي احڪامن کي بدلائين ٿا، اهي عذابِ الهي جا حقدار آهن. ان ڪري اسان تي لازم آهي ته الله پاڪ، ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو حڪم جيئن ڏنو آهي، ان کي تيئن ئي مجون ۽ ان تي عمل ڪريون.

لعنت وسڻ جوهڪ سبب

قرآنِ ڪريم ۾ آهي ته الله پاڪ بني اسرائيل تي لعنت وسائي، ان جا اسباب ڪهڙا هئا؟ فرمايو:

يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ (سپارو: 6، المائده: 13)	ترجمو ڪنزُ العرفان: اهي الله جي ڪالهين کي انهن جي جڳهن کان بدلي ڇڏيندا آهن ۽ انهن ان نصيحت جو وڏو حصو وساري ڇڏيو جيڪي انهن کي ڪيون ويون هيون.

يعني بني اسرائيل تي لعنت وسڻ جي ڪيترن ئي اسباب مان 2 هي به آهن: (1): اهي الله پاڪ جي احڪامن کي بدلائي ڇڏيندا هئا. (2): جيڪو حڪم ڏنو ويندو هو، ان تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏيندا هئا.

معلوم ٿيو: خدائي احڪامن کي بدلائي ڇڏڻ الله پاڪ جي رحمت کان پري ٿيڻ ۽ لعنت وسڻ جو سبب آهي.

خدائي احڪامَ بدلائڻ جا مثال

هاءِ! افسوس! اڄڪلهه اسان وٽ به ماڻهن جو اهو انداز ٻڌجندو پيو وڃي، الله پاڪ جي حڪمن تي به پنهنجن خواهشن مطابق عمل ڪندا آهن. يعني پنهنجي مرضي مطابق تبديليون ۽ گهٽ وڌ ڪري ونندا آهن. مثلاً:

- حڪم هو ته غير مسلمن سان دوستي نه رکو! پر اسان وٽ انهن ئي غير

مسلمن جي نقشِ قدم تي ماڻهو هلندا آهن، انهن سان محبتن جو اظهار ڪندا آهن، انهن سان دوستيون رکندا آهن. ۞ اَلْحَمْدُ لله! اسان نعتون پڙهڻ وارا، نعتون ٻڌڻ وارا آهيون، قرآن ۽ حديث ۾ نعت خواني جا فضائل بيان ٿيا آهن، وڏا عظيم فضائل آهن پر اڄڪلهه ماڻهن هن نيڪ ڪم ۾ به ملاوٽون شروع ڪري ڏنيون آهن، ميوزڪ، دَف ۽ خبر ناهي ڇا ڇا گڏائي نعت پڙهن ٿا، هاڻي نعت ٻڌڻ ته عبادت آهي پر هي ميوزڪ جيڪو ملايو ويو، اهو گناهه آهي. ۞ علامه ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي: شيطان پيرن فقيرن بابت به ماڻهن کي دوکو ڏئي ٿو. [1] پير فقير، الله وارا، نيڪ بانها، اولياءِ ڪرام جا بلند شانَ هوندا آهن ۽ اهي مسجدن ۾ ملندا آهن، عبادتون ڪندي ملندا آهن، نمازون پڙهندا آهن، روزا رکندا آهن، علمِ دين سکندا سکارييندا آهن پر ماڻهن کهڙو ذهن ٻڌائي ورتو؟ جنهن جا وار ڊگها هجن، ڪاٽل ڪپڑا پاتل هجن، چاهي مسجد جي ويجهو کان به نه لنگهندو هجي، نمازن جي وقت ٻٽاکون هڻندو هجي، نماز ۾ نه پهچندو هجي، ماڻهو ان کي وڏو پهتل سمجهي ونندا آهن. الله! الله! هي اهي ماڻهو ناهن جو شريعت جن جي ادب ۽ احترام جو حڪم ڏنو آهي، الله وارا ته الله پاڪ جي ياد ۾ مصروف ملندا آهن. ۞ اهڙي طرح شريعت حڪم ڏنو هو: ڏاڙهي وڌايو! ۽ مڇون پست (ننڍيون) ڪريو! [2] اسان وٽ ماڻهو طرح طرح سان ڏاڙهي ڪٽرائيندا آهن، ننڍيون ننڍيون اڌ انچ برابر ڏاڙهي رکڻ لڳي ويا، فيشن جو فيشن ٿيو، ڏاڙهي به سڏائي وئي (لَاحَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِالله)، ڏاڙهي ڪٽائڻ به حرام آهي، هڪ مڻ کان گهٽائڻ به حرام آهي. [3] شريعت جيڪو حڪم ڏنو، ان کي پورو پورو مڃيون، ائين ئي مڃيون، جئين حڪم ڏنو ويو آهي.

---

[1]...تلبيس ابليس، الباب الثانى عشر، فصل مخالفتهم العلماء وتقديمهم ...الخ، صفحه:469 خلاصةً۔

[2]...بخارى، كتاب اللباس، باب تقليم الاظفار، صفحه:1480، حديث:5892 خلاصةً۔

[3]...بہارِ شريعت، جلد:3، حصه:16، صفحه:585۔

۞ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي:

اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾ (سيپارو: 5، النسآء: 103)	ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ نماز مسلمانن تي مقرر ڪيل وقت ۾ فرض آهي.

شريعت نمازن جا وقت مقرر ڪيا، هر هر نماز جو الڳ الڳ وقت ۽ حساب ٻڌايو، ڪجھ ماڻھو چا ڪندا آهن؟ 2، 2 نمازون گڏائي پڙھندا آهن، ظھر جي نماز جاڻي واڻي ڇڏي ڏني، چلو عصر ۽ ظھر گڏ پڙھنداسين، مغرب جاڻي واڻي ڇڏي ڏني تہ عشاءَ سان گڏ پڙھنداسين، پوءِ ائين ب ناهي تہ ظُھر ڇو تہ ان جي وقت تي ناهي پڙھي وئي تہ لھٰذا ان کي قضا ڪري پڙھن...!! نہ نہ...!! ادا جي ئي نيت سان پڙھندا آهن.

حالتِ جنگ ۾ ب نماز جي اهميت

ھڪ دفعو جنگ جو موقعو ھو، غير مسلمن پاڻ ۾ سازش ڪئي تہ عصر جو وقت ٽيڻ وارو آهي، مسلمانن کي نماز تمام پياري آهي، اهي نماز پڙھندا، ان وقت اسان انھن تي حملو ڪنداسين. هي انھن سازش ڪئي، ٻئي طرف الله پاڪ حضرت جبرائيل امين عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو، پنجين سيپاري جون آيتون نازل ٿيون، ان ۾ الله پاڪ نمازِ خوف جو پورو طريقو ٻڌايو تہ جڏھن اھڙو معاملو اچي وڃي، ان وقت 2 گروھن ۾ ورھائجي وڃو! ھڪ گروھ جماعت ۾ شامل ٿئي، امام سان گڏ ھڪ رڪعت پڙھي، ٻيو گروھ دشمن جي مقابلي ۾ رھي، پوءِ پھريون گروھ دشمن جي مقابلي ۾ اچي ۽ ٻيو امام سان گڏ جماعت ۾ شامل ٿئي، [1] هي ھڪ پورو طريقو آهي جيڪو قرآنِ ڪريم ۾ تفصيل سان ٻڌايو ويو، هتان توھان اندازو لڳايو تہ نماز کي

[1]...مسند ابی یعلی، ابو عیاش الزرقی، جلد:2، صفحہ:683، حدیث:1444 خلاصۃً۔

ان جي وقت جي اندر ئي پڙهڻ ڪيترو ضروري آهي. حالتِ جنگ ۾ به ظهر ۽ عصر يا مغرب ۽ عشاء ڪڏهن پڙهڻ جي اجازت نه ڏني وئي.

نماز جو وقت گذاري پڙهڻ جو وبال

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ (سپارو: 16، مريم: 59)	ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ انهن جي پنيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون.

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رضی اللہ عنہ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: ان جو اهو مطلب ناهي ته اهي ماڻهو بنيادي طور تي نماز پڙهندا ئي نه هئا بلڪ مطلب اهو آهي ته اهي ماڻهو نماز جو وقت گذاري پڙهندا هئا.[1]

قبر ۾ باهه پڙڪي پئي

امام اِبنِ اِبِي دُنيا لکن ٿا: هڪ صاحب هئا، انهن جي پيٽ جي وفات ٿي وئي جڏهن اهي ان کي دفنائڻ لڳا ته انهن جي ڪوٽري جنهن ۾ ڪجهه سرمايو جمع هو قبر ۾ ڪِري پئي، دفنائي موٽڻ تائين اهي ان کان بي خبر رهيا، جڏهن دفنائي واپس موٽيا ته کين ياد آيو، اهي سندس قبر تي آيا ۽ ماڻهن جي هليو وڃڻ کان پوءِ ان کي کوٽڻ لڳا، انهن قبر ۾ پڙڪندڙ باهه ڏني ته مٽي وجهي روئندي پنهنجي والده وٽ حاضر ٿيا ۽ چيائون: امڙ! مون کي منهنجي پيٽ بابت ٻڌايو ته اها ڪهڙو عمل ڪندي هئي؟ والده چيو: تون ان بابت ڇا ڄاڻڻ چاهين ٿو؟ انهن چيو: امڙ مون ان جي قبر ۾ باهه ڏني آهي. اهو ٻڌي هن روئندي چيو: پٽ! تنهنجي پيٽ نماز ۾ سستي ڪندي هئي ۽

[1]...تفسير درمنثور، پاره:16، سورۂ مريم، زيرِ آيت:59، جلد:5، صفحه:526۔

ان کي وقت گذاري پڙهندي هئي.[1]

الله! الله! پيارا اسلامي پائرو! هي آهي وقت گذاري نماز پڙهڻ جو وبال...!! الله پاڪ اسان کي پنج ئي نمازون وقت جي اندر ئي بلڪ باجماعت مسجد ۾ تڪبيرِ اولیٰ سان پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تالو 4 ڏندن سان ئي ڪُلندو

پيارا اسلامي پائرو! اوراد و وظائف جيڪي هوندا آهن، حديثن ۾ لکيل جيڪي دعائون آهن، انهن ۾ به پنهنجي طرفان تبديلي نه ڪرڻ گهرجي! دلائل الخيرات شريف جيڪو درودِ پاڪ جو تمام مشهور ڪتاب آهي، ان ۾ هڪ درودِ پاڪ لکيل آهي، جنهن کي 14 پيرا پڙهڻو هوندو آهي. هڪ دفعو شاهه عبد الحق الٰه آبادي کان انهن جي شاگرد پڇيو: سائين! هن درودِ پاڪ کي اسان 15 پيرا چو نه پڙهون، 14 پيرا ئي چو پڙهڻو آهي؟ فرمايائون: جيڪو تالو 4 ڏندن واري چابيءَ سان کلندو آهي، اهو 5 ڏندن واري چابيءَ سان نه کلندو، اسان هي درود شريف 15 پيرا پڙهون ته به ثواب جو ڪم آهي پر اهو دروازو جيڪو هن درود جي برڪت سان کلندو آهي، اهو تڏهن ئي کلندو جڏهن 14 پيرا پڙهنداسين.[2]

اهو به هڪ نڪتو آهي، اسان پنهنجي مرضيءَ سان گهٽ وڌ ڪري وٺون ۽ سمجهون ته ان ۾ ثواب وڌيڪ آهي پر شريعت جي حڪمت اسان جي ننڍي عقل کان تمام مٿانهين آهي، ان ڪري جيڪو چيو ويو، جيتري قدر چيو ويو، جيئن چيو ويو، اهو، اوترو ئي ۽ ائين ئي ڪندا ڪريون.

---

[1]...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب القبور، جامع ذکر القبور، جلد:6، صفحہ:75، حدیث:97۔

[2]...تفسیر نعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، زیرِ آیت:59، جلد:1، صفحہ:416۔

جيئن سيڪاريوويو، تيئن ئي پڙهو...!!

مسلم شريف ۾ روايت آهي، هڪ دفعو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللّٰه عَنْه کي سمهڻ وقت جي هڪ دعا ياد ڪرائي، ان ۾ هو: اٰمَنْتُ بِنَبِيِّكَ الَّذِیْ اَرْسَلْتَ (يعني مون ايمان آندو تنهنجي نبيءَ تي جنهن کي تو موڪليو). حضرت بَراء فرمائن ٿا: مون اها دعا ورجائيندي پڙهيو: اٰمَنْتُ بِرَسُوْلِكَ الَّذِیْ اَرْسَلْتَ (يعني مون ايمان آندو تنهنجي رسول تي جنهن کي تو موڪليو).

يعني لفظِ نبيءَ جي جاءِ تي لفظِ رسول پڙهيو، هاڻي ڏسو! لفظِ نبي ۽ رسول ۾ وڏو ڪو فرق ته ناهي، عام طور هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن منع ڪري ڇڏيو، فرمايائون: اهو ئي لفظ پڙهو جيڪو مون سيڪاريو آهي، چئو: اٰمَنْتُ بِنَبِيِّكَ الَّذِیْ اَرْسَلْتَ.[1]

معلوم ٿيو: شريعت جيڪي دعائون اسان کي سيڪاريون آهن، جيئن ٻڌايون ويون آهن، ائين ئي پڙهڻيون آهن. مثلاً نماز جي اندر رڪوع ۾ پڙهندا آهيون: سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْعَظِيْم. سجدي ۾ پڙهندا آهيون: سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْاَعْلٰی۔ اسان چئون ته ٻنهي جي معنيٰ ته هڪ جهڙي آهي، رڪوع ۾ سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْاَعْلٰی پڙهي ونان، سجدي ۾ سُبْحٰنَ رَبِّیَ الْعَظِيْم پڙهي ونان ته هي درست ناهي، خلافِ سنت آهي. ها! ڪڏهن ڪڏهن پل ۾ هڪ اڌ پيرو ائين ئي ويو ته نماز ئي ويندي، ڪو فرق نه پوندو پر ان جي عادت ئي بٽائي ونڻ، جاڻي واڻي ۽ ارادي سان ائين ڪرڻ درست ناهي.

---

[1]...مسلم كتاب الذكر والدعاء والتوبة والاستغفار، باب ما يقول عند النوم ...الخ، صفحہ:1043، حدیث:2710۔

شبهات کان بچو...!

هڪ تمام اهم حديثِ پاڪ ٻڌندا! هي حديث شريف دل ۾ ويهارڻ گهرجي، بخاري شريف جي حديث آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَلْحَلَالُ بَيِّن حلال واضح آهي، وَالْحَرَامُ بَيِّن حرام به واضح آهي(يعني حلال ۽ حرام جا احڪام شريعت کولي بيان ڪري ڇڏيا آهن) وَبَيْنَهُمَا اُمُوْرٌ مُّشَبَّهَاتٌ انهن ٻنهي جي وچ ۾ شبهي وارا امور آهن، جن کي اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن. بس جيڪو شبهن کان بچي ويو، ان پنهنجو دين بچائي ورتو ۽ جيڪو شبهن ۾ پئجي ويو، اهو حرام ۾ پئجي ويندو.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِها ڳالهه هڪ مثال ذريعي سمجهائي، فرمايائون: ان جو مثال هڪ ڏنار ۽ چراگاهه جهڙو آهي (جهڙيءَ طرح اسان وٽ ٻنيون هونديون آهن، جن جي وچ ۾ عام طور تي ديوارون ناهن هونديون، ننڍڙي حد نهيل هوندي آهي ۽ تمام ٻنيون پاڻ ۾ مليل هونديون آهن، هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجون ٻڪريون پنهنجي ئي پوک ۾ چاري رهيو هجي ۽ ڪا ٻڪري ان ٻنيءَ واري وچين حد جي ويجهو وڃي پهچي، پر ڏنار پوءِ به ان کي نه هٽائي، تہ ٻڪري تہ آخر بي عقل جانور آهي، ڪهڙي خبر ڪڏهن ٻئي جي ٻنيءَ ۾ هلي وڃي! ۽ جيستائين ڏنار پهچي، تيستائين ڪافي نقصان ڪري چڪي هوندي). فرمايائون: بلڪل اهڙيءَ ريت هر حڪمران (بادشاهه) جون ڪجهه حدون هونديون آهن، ۽ اللّٰه پاڪ جون حدون اُن جون حرام ڪيل شيون آهن .[1]

ڪيڏو خوبصورت مثال سان ڳالهه واضح ڪئي وئي آهي. هي حديثِ پاڪ پنهنجي ذهن ۾ رکو ۽ پنهنجو پڪو ذهن ٻڌايو تہ اسان کي شريعت تي

---

[1]...بخاری، کتاب بدء الایمان، باب فضل من استبراء لدینہ، صفحہ:84، حدیث:52۔

عمل ڪرڻو آهي ۽ حدن جي اندر اندر رهي ڪري ئي ڪرڻو آهي، ان کان ٻاهر ناهي نڪرڻو. اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اوقاتِ نماز ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي شعبي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ اَوْقَاتُ الصَّلاۃ (Prayer Times) جي نالي سان هڪ بهترين ايپليڪيشن لانچ ڪئي آهي: ۞ هي ايپليڪيشن اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي تحقيق تي ٻڌل آهي ۞ پنجن ئي نمازن جا روزاني ۽ ماهوار اوقات. ۞ تلاوتِ قرآنِ پاڪ ۽ تفسيرِ قرآن ۞ تجويد و قراءت ۞ عقائد و معمولاتِ اهلِ سنت بابت اهم سوالن جا جواب ۞ 6 مختلف زبانن ۾ موجود ۞ دنيا ۾ جي ڪنهن به مقام جا اوقات ۽ سمتِ قبلہ شامل ڪيا ويا آهن. ۞ هيءَ ايپليڪيشن قضا نمازن جو جائزو ونڊ ۽ انهن جي ادائيگي ۾ معاون و مددگار آهي ۞ جماعت دوران آٽو موبائل سائلنٽ رکڻ جو آپشن موجود آهي جنهن ۾ جماعت جو وقت درج ڪري موبائيل کي آٽو سائلنٽ تي لڳائي سگهجي ٿو ۞ هجري ڪيلينڈر ۽ اسلامي ڏينهن بابت معلومات ۞ اذڪارِ نماز ۽ روحاني علاج (اذڪار پڙهڻ لاءِ تسبيح ڪاؤنٽر به موجود آهي). ۞ نماز جا احڪام ۽ اسلامي پوسٽون ۞ حنفي يا شافعي اوقاتُ الصلاۃ ۞ هر نماز جي شروعاتي ۽ آخري وقت جو نوٽيفيڪيشن (Notification) ملي سگهي ٿو ۞ هي ايپليڪيشن GPS ذريعي توهان جي موجوده مقام کي خود آٽو اپڊيٽ ڪري ڇڏيندي ۞ توهان ڪنهن به جاءِ کي پسنديده سيٽ ڪري سگهو ٿا ۽ انٽرنيٽ ڪنيڪشن کان بغير به ان کي ٻيهر استعمال ڪري سگهو ٿا ۞ (Prayer Times) ايپليڪيشن جو لنڪ فيس بُڪ، ٽوئيٽر، واٽس ايپ ۽ مختلف سوشل ميڊيا پليٽ فارمن ذريعي پنهنجن

پيارن سان شيئر ڪري سگھو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چا آهي.....؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڏي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: سجدي ۾ نڪ جي هڏي ۽ پيشاني جمائڻ ضروري آهي.

وضاحت: هي عموماً ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو سجدي ۾ پيشاني ته لڳائي ونندا آهن، نڪ مٿي هوندو آهي يا ڪجھ ماڻهو نڪ جي صرف چوٽي لڳائيندا آهن، هڏي ناهن لڳائيندا. ياد رکو! سجدي ۾ نڪ کي ايترو دٻائڻ جو سخت هڏي زمين تي لڳي، هي واجب آهي. ائين ئي اڄڪلھ جيئن پاڪستان ۾ سيارو شروع ٿي رهيو آهي، عموماً مسجدن ۾ ٽُلها قالين، پوءِ انهن جي هيٺان فوم وڇايا ويندا آهن. انهن فوم وارين قالينن تي سجدو ڪرڻ ۾ وڏي احتياط جي ضرورت هوندي آهي، شرعي مسئلو هي آهي ته جيڪڏهن سجدي ۾ پيشاني (يعني پيشاني جي هڏي) خوب نه دٻجي ته نماز ئي نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن نڪ جي هڏي خوب نه دٻجي ته نماز مڪروهِ تحريمي، واجبُ الاعاده ٿيندي، يعني اهڙي نماز کي ٻيهر پڙهڻ واجب آهي. تنهنڪري فوم تي سجدو ڪيو يا قالين تي ڪريو يا تمام ٽلهي جاءِ نماز (يعني مصلي) تي سجدو ڪريو ته وڏي احتياط سان پيشاني ۽ نڪ کي خوب دٻايو ايتري تائين جو زمين جي سختي محسوس ٿيڻ لڳي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...دارالافتاء اہلسنت، ریفرینس نمبر:Lar:10648۔

نوڪري ملڻ جو عمل (وظيفو)

يَالَطِيْفُ

مڪروهه وقت ڪان علاوه 2 رڪعت نفل ادا ڪريو ۽ سلام ڦيرائڻ ڪان پوءِ يَا لَطِيْفُ 182 (اول آخر هڪ بار درود شريف) پڙهي ڪري جائز ۽ آسان نوڪري يا حلال روزگار ملڻ لاءِ دعا ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دعا قبول ٿيندي. اللّٰه پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.